# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1999
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1999
# محمد علي جناح يونيورسٽي آرڊيننس، 1999
# THE MUHAMMAD ALI JINNAH UNIVERSITY ORDINANCE, 1999

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. يونيورسٽي
The University

4. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

5. سرپرست
The Patron

6. معائنو
Visitation

7. چانسيلر
The Chancellor

8. صدر

The President

9. اٿارٽيز

Authorities

10. بورڊ آف گورنرس

Board of Governors

11. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Board

12. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

13. اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

14. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Academic Council

15. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار

Constitution, functions and powers of other authorities

16. اٿارٽيز طرفان ڪميٽيز جي مقرري

Appointment of committees by the Authorities

17. اسٽيچوٽس

Statutes

18. ضابطا

Regulations

19. قاعدا

Rules

20. يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

The University Fund, Audit and Accounts

21. ملازمت تان رٽائرمينٽ
Retirement from Service

22. سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to Show cause

23. بورڊ کي اپيل ۽ بورڊ طرفان نظرثاني
Appeal to and review by the Board

24. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ
Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund

25. اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات
Commencement of term of office of members of Authorities

26. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي
Filling of Casual Vacancies in authorities

27. اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار
Disputes about membership of Authorities

28. اٿارٽيز جي ڪارروائين جو موثر هئڻ
Validity of Proceedings of Authorities

29. پهريان قانون
First Statutes

30. دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction

31. ضمانت
Indemnity

32. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

**پھريان قانون**

The First Statutes

33. فيڪلٽيز

Faculties

34. تدريسي شعبو

Teaching Department

35. بورڊ آف اسٽڊيز

Board of Studies

36. اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ

Board of Advanced studies and Research

37. سليڪشن بورڊ

Selection Board

38. سليڪشن بورڊ جا ڪم

Functions for Selection Board

39. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي

The finance and Planning Committee

40. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم

Functions of the Finance and Planning Committee

41. الحاق ڪميٽي

Affiliation Committee

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1999
# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1999
## محمد علي جناح يونيورسٽي آرڊيننس، 1999
## THE MUHAMMAD ALI JINNAH UNIVERSITY ORDINANCE, 1999

[17 مئي 1999]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪراچي ۾ محمد علي جناح يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ۾ محمد علي جناح يونيورسٽي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن جاري نہ آهي ۽ گورنر مطمئن آهي تہ اهڙيون حالتون آهن جنهن جي بنياد تي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي؛

ان ڪري هاڻي اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق 1 ۾ ڏنل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر خوشيءَ سان هيٺين ڄاڻايل آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي محمد علي جناح يونيورسٽي آرڊيننس، 1999 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي تيستائين:

(i) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(ii) "الحاق ٿيل ڪاليج يا ادارو" مطلب يونيورسٽي جو الحاق ٿيل ڪاليج يا ادارو؛

(iii) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 9 ۾ ڄاڻايل يونيورسٽي جون اٿارٽيز؛

(iv) "بورڊ" مطلب يونيورسٽي جو بورڊ آف گورنرز؛

(v) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(vi) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(vii) "ڪاليج" مطلب هڪ ڪاليج ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو ادارو، جنهن ۾ عام طور، فني پروفيشنل تعليم يا ٻيا سکيا جا اعليٰ اصول ۽ ٻيا اهڙا مضمون پڙهايا وڃن، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(viii) "ڊين" مطلب فيڪلٽي جو سربراهہ؛

(ix) "ڊائريڪٽر" مطلب اداري جو سربراهہ؛

(x) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛

(xi) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(xii) "ادارو" مطلب يونيورسٽي طرفان سنڀاليل ۽ انتظام ڪيل ادارو؛

(xiii) "عملدار" مطلب دفعہ 4 ۾ ڄاڻايل يونيورسٽي جي عملدارن ۾ ڪو عملدار؛

(xiv) “بيان ڪيل” مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(xv) “صدر” مطلب يونيورسٽي جو صدر؛

(xvi) “پروفيسر اميريٽس” مطلب هڪ رٽائرڊ پروفيسر جيڪو يونيورسٽي ۾ اعزازي طور تي ڪم ڪري رهيو هجي؛

(xvii) “رجسٽرار” مطلب يونيورسٽي جو رجسٽرار؛

(xviii) “قانون، ضابطا ۽ قاعدا” مطلب هن آرڊيننس تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا؛

(xix) “تدريسي شعبو” مطلب يونيورسٽي طرفان قائم ڪيل ۽ سنڀاليل يا سڃاتپ ڏنل تدريسي شعبو؛

(xx) “ٽرسٽ” مطلب محمد علي جناح ٽرسٽ، ڪراچي؛ ۽

(xxi) “يونيورسٽي” مطلب محمد علي جناح يونيورسٽي.

## باب ـ II

## يونيورسٽي

يونيورسٽي
The University

3.(1) هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي محمد علي جناح يونيورسٽي، سڏيو ويندو، جيڪا چانسيلر، وائيس چانسيلر، ڊينس، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جي چيئرمين ۽ بورڊ جي ميمبرن اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ميمبرن ۽ اهڙن ٻين عملدارن تي مشتمل

هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) يونيورسٽي محمد علي جناح يونيورسٽي جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي ان ۾ شامل ڪا ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ يا نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) يونيورسٽي هرڪنهن جنس سان تعلق رکندڙ ماڻهن لاءِ کليل هوندي، انهن جو تعلق ڀل کهڙي به جنس، ڪنهن به مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڪنهن به رهائشي هنڌ سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم وٺڻ جي داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي فقط جنس، مذهب، طبقي، نسل، درجي، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي سهولتن کان انڪار نه ڪيو ويندو.

يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار هوندا:

(i) عام، فني، پروفيشنل تعليم يا ٻين اعليٰ تعليم جي اصولن ۽ ٻين مضمونن ۾ هدايتون مهيا ڪرڻ، بيان ڪيو ويو هجي ۽ سکيا جي اهڙين شاخن ۾ جيئن اها مناسب سمجهي ڄاڻ جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ جيئن طئي ڪري؛

(ii) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن ماڻهن کي جن ڄاڻايل شرطن موجب داخلا ورتي هجي ۽ امتحان پاس ڪيا هجن انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛

(iii) پنهنجو الحاق ڪرڻ يا ٻين ادارن سان جوڙڻ ۽ تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس قائم ڪرڻ؛

(iv) ڄاڻايل طريقيڪار موجب منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا اعزاز ڏيڻ؛

(v) پڙهائي جا ڪورسز جوڙڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جيئن طئي ڪيو ويو هجي؛

(vi) تعليم، پروفيشنل تربيت ۽ تحقيق ۾ مدد ڪرڻ ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ؛

(vii) ادارن جو الحاق ڪرڻ يا ڏار ڪرڻ ۽ اهڙن ادارن جي جاچ ڪرڻ يا پنهنجو پاڻ کي چونڊيل تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي ادارن سان جوڙڻ، انهن کي انهن جا ڪم ۽ ذميواريون نڀائڻ لاءِ جوڳيون خدمتون ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ وقت ڪان وقت اثرائتي تعليمي تربيتي ۽ تحقيقي پروگرامن کي يقيني بڻائڻ لاءِ پڙهائي جا طريقا ۽ حڪمت عمليون طئي ڪرڻ؛

(viii) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڏنل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛

(ix) معاهدن، نيڪن ۽ انتظامن ۾ حڪومت، تنظيمن، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان پنهنجا ڪم ۽

ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ شامل ٿيڻ؛

(x) اهڙيون فيس ۽ ٻيون وصوليون طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(xi) مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز لاءِ ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن بورڊ طئي ڪري تدريسي ۽ هم نصابي سرگرمين جي سلسلي ۾ ۽ يونيورسٽي ۽ ان جي ادارن جي شاگردن کي داخلا ڏيڻ؛

(xii) استادن ۽ عملي جي ميمبرن سميت اهڙا عملدار مقرر ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ عملي جا شرط ۽ ضابطا، اختيار ۽ ذميواريون بيان ڪرڻ؛

(xiii) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

## باب ـ III

## يونيورسٽي جا عملدار

يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

4.هيٺيان يونيورسٽي جا عملدار هوندا:

(i) سرپرست؛

(ii) چانسيلر؛

(iii) چيئرمين؛

(iv) صدر؛

(v) ڊينس؛

(vi) ڊائريڪٽرس؛

(vii) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(viii) رجسترار؛

(ix) ماليات جو ڊائريڪٽر؛

(x) لائبريرين؛

(xi) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(xii) ريزيڊنٽ آڊيٽر؛ ۽

(xiii) اهڙا ٻيا ماڻهو جن کي يونيورسٽي جي عملدار طور بيان ڪيو ويو هجي.

**سرپرست**
**The Patron**

5.(1)سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو.

(2)سرپرست جڏهن موجود هوندو، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

(3)اعزازي ڊگري ڏيڻ جو هر پروپوزل سرپرست جي تصديق سان مشروط هوندو.

**معائنو**
**Visitation**

6.(1)سرپرست عوامي ڀلائي خاطر، يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ دورو ڪري سگهي ٿو.

(2)سرپرست ذيلي دفعه (1) تحت رپورٽ ملڻ تي، جيڪڏهن ڪا هجي، رپورٽ تي راءِ ڏيڻ لاءِ صدر کي طلب ڪري سگهي ٿو ۽ راءِ ملڻ بعد، سرپرست اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو، جيئن اهو موزون سمجهي ۽ صدر اهڙين هدايتن تي عملدرآمد ڪندو.

(3)جتي سرپرست مطمئن آهي ته ذيلي دفعه (2) تحت جاري ڪيل هدايتن تي عمل ناهي ڪيو ويو يا قدم ناهي کنيو ويو، اهرين هدايتن جي سلسلي ۾، اهو وڌيڪ هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو، جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ بورڊ اهڙين هدايتن تي عملدرآمد ڪندو.

**چانسلر**

7.(1) چيئرمين چانسلر هوندو.

| | |
|---|---|
| (2)چانسيلر سرپرست جي غير موجودگي ۾ يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو. | The Chancellor |
| (3)جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون يا ڪنهن عملدار جا حڪم هن آرڊيننس جي گنجائشن، قانونن، ضابطن، يا قاعدن موجب نه آهن، ته اهو اهڙي اٿارٽي يا عملدار کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو ته ڇو اهڙين ڪارروائين کي ختم نه ڪيو وڃي، لکت حڪم ذريعي اهڙين ڪارروائين يا حڪمن کي ختم ڪري سگهي ٿو. | |
| (4)چانسيلر جي ڪنهن سبب جي ڪري غير حاضري يا ڪنهن ٻئي سبب جي صورت ۾، بورڊ جو سيڪريٽري سندس جاءِ تي ڪم ڪندو. | |
| 8.(1) صدر، چانسيلر طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن اهو طئي ڪري ۽ چانسيلر جي خوشي سان آفيس رکندو. | صدر<br>The President |
| (2) ڪنهن به وقت جڏهن صدر جي آفيس خالي هوندي، يا صدر غير حاضر هوندو يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ جي لائق نه هوندو يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري ته چانسيلر صدر جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو جيئن اهو مناسب سمجهي. | |
| (3) صدر يونيورسٽي جو پرنسپال اڪيڊميڪ اينڊ ايڊمنسٽريٽر آفيسر هوندو، ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن، چانسيلر جي هدايتن، يونيورسٽي جي هدايتن تي جوڳي نموني عملدرآمد ڪرائڻ جو ذميدار | |

هوندو ۽ يونيورسٽي جي حڪمت عملين ۽ پروگرامن تي عملدرآمد جو ذميدار هوندو.

(4) صدر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، سندس قدم بابت عملدار اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(5)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، صدر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا تہ:

(i) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ڀرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهہ مهينن کان وڌيڪ نہ هجي؛

(ii) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سمورو خرچ منظور ڪرڻ ۽ خرچ جي ساڳين ميجر هيڊس ۾ فنڊس ري ايپروپريئيٽ ڪرڻ؛

(iii) غير متوقع سامان لاءِ رقم جي ري ايپروپريشن جاري ڪرڻ جيڪا پنجاهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي، جيڪو بجيٽ ۾ نہ ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪندو؛

(iv) لاڳاپيل اختيارين کان نالن جا پينلس ملڻ کانپوءِ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(v) پيپرس، مارڪس ۽ نتيجن جي چنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن ضروري هجن؛

(vi) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي ضروري سمجهي؛

(vii) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي پنهنجي اختيارن منجهان ڪي هن آرڊيننس تحت منتقل ڪرڻ، اهڙين شرطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن؛

(viii) اهڙين ڪيٽيگريز لاءِ ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ بورڊ طرفان اختيار منتقل ڪيا ويا هجن؛ ۽

(ix) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب _IV

## يونيورسٽي جون اٿارٽيز

## Chapter_IV

## Authorities of the University

اٿارٽيز
Authorities

9. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:

(1) بورڊ آف گورنرز؛

(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(3) فيڪلٽيز جا بورڊز؛

(4) اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ؛

(5) بورڊز آف اسٽڊيز؛

(6) سليڪشن بورڊ؛

(7) ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي؛

(8) الحاق ڪميٽي؛ ۽

(9) اهڙيون ٻيون اٿارٽيز جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف گورنرس
Board of Governors

10.(1) يونيورسٽي جي معاملن جي عام نظرداري ۽ ضابطو ۽ پاليسيون ٺاهڻ جا اختيار بورڊ وٽ هوندا، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) ٽرسٽ جو چيئرمين جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو چيئرمين يا سندس نامزد ڪيل؛

(c) تعليم کاتي، سنڌ حڪومت جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل؛

(d) ٽرسٽ طرفان نامزد ڪيل ڇهه ماڻهو؛

(e) چيئرمين طرفان ٽي بهترين ميرٽ رکندڙ ماڻهو مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(f) ڊائريڪٽر فنانس جيڪو بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ ميمبر هوندو ۽ مدو ختم ٿيڻ تي ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جي ميمبرشپ ختم ٿي ويندي جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بنا جوڳو سبب ڄاڻائڻ جي بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهي ٿو يا بنا موڪل جو غير حاضر رهي ٿو يا

سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي ويجي ٿي.

(4)ميمبر جي عارضي آساميءَ واري جاءِ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيل ماڻهو ذريعي پُري ويندي ۽ جيڪو ميمبر طور نامزد ڪيو ويو آهي، جنهن جي ميمبرشپ واري جاءِ خالي ٿي هجي.

(5) بورڊ جو ڪو بہ قدم يا ڪا بہ ڪارروائي بورڊ ۾ آسامي جي صورت ۾ يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ ٿيندي.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Board

11.(1) بورڊ هيٺيان اختيار استعمال ڪندو ۽ ڪم سرانجام ڏيندو:

(i) يونيورسٽي جي ملڪيت، فنڊس، اثاثن ۽ وسيلن تي ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(ii) يونيورسٽي طرفان منقولہ ۽ غير منقولہ ملڪيت جي منتقلي ۽ منتقلي قبول ڪرڻ؛

(iii) ڪاليجن ۽ ادارن کي الحاق ڏيڻ ۽ ڏار ڪرڻ؛

(iv) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽيز جي مشوري تي ساليانی ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جي ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ ۽ مالي معاملن کي هلائڻ لاءِ گائيڊلائينس يا قاعدا جوڙڻ؛

(v) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(vi) يونيورسٽي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪيميون شروع ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(vii) يونيورسٽي جي عام مهر جي بيهڪ طئي ڪرڻ ۽ عام مهر جي تحويل ۽ استعمال بابت انتظام ڪرڻ؛

(viii) اهڙين انتظامي، تدريسي، تحقيقي يا ٻين آسامين کي پيدا ڪرڻ، سسپينڊ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(ix) سليڪشن بورڊ جي سفارشن تي استاد، محقق ۽ عملدار مقرر ڪرڻ؛

(x) ڄاڻايل طريقي موجب جاچ ۽ دفاع ڪانپوءِ يونيورسٽي جي ملازمن کي سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ ۽ ملازمت مان برطرف ڪرڻ، جن کي مقرر ڪرڻ جو ان وٽ اختيار آهي؛

(xi) چانسيلر کي پيش ڪرڻ لاءِ اسٽيچوٽس تجويز ڪرڻ؛

(xii) ايپروپريئيٽ باڊيز جي سفارشن تي ضابطا يا قاعدا منظور ڪرڻ؛ ۽

(xiii) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻيا سمورا معاملا طئي ڪرڻ، هلائڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سمورا ضروري اختيار استعمال ڪرڻ خاص طور تي جيڪي آرڊيننس يا اسٽيچوٽس، ضابطن يا قاعدن ۾ ڄاڻايل نہ آهن.

(2)بورڊ پنهنجي اختيارن منجهان ڪي بہ ڪنهن اٿارٽي يا عملدار، يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي جي حوالي ڪري سگهي ٿو.

بورڊ جون گڏجاڻيون

12.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ بہ ڀيرا گڏجاڻي

Meetings of the Board

ڪندو. اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسيلر طرفان طئي ڪيون وينديون، بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن بہ وقت ضروري نوعيت جي معاملي تي غور ڪرڻ لاءِ چانسيلر جي هدايت تي يا بورڊ جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي ڇهہ کان گهٽ نہ هجن، ڪوٺائي سگهجي ٿي.

(2) خاص گڏجاڻيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڏينهن جو بورڊ جي ميمبرن کي نوٽيس ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا مخصوص ڪئي ويندي، ان معاملي لاءِ جنهن لاءِ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.

(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن تہ بورڊ جي چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو. جيڪو استعمال ڪندو.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

13. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(i) صدر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(ii) ڊينز؛

(iii) ڊائريڪٽرز؛

(iv) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(v) اميريٽس پروفيسرس سميت يونيورسٽي جا پروفيسرز؛

(vi) رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري طور ڪم ڪندو؛

(vii) لائبريرين؛

(viii) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(ix) ٻه ناميارا عالم جيڪي بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽

(x) ٻه ناميارا شخص چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي عرصي تائين ميمبر جو عهدو رکي سگھندو ۽ ٻيهر نامزد ٿيڻ جي لاءِ اهل هوندو.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا اٿارٽي جي لڳاتار ٽي گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا موڪل کانسواءِ غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وئي آهي.

(4) ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council

14.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اعليٰ ترين اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، ان کي تدريس، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي جي تعليمي زندگي کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(i) بورڊ کي اڪيڊمڪ معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(ii) شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن لاءِ داخلا ڏيڻ؛

(iii) بورڊ کي فيڪلٽيز، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(iv) يونيورسٽي ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي منصوبابندي ۽ ترقيءَ لاءِ تجويزن تي غور ڪرڻ ۽ تجويزون جوڙڻ؛

(v) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب هوندو، بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڄاڻايل تاريخ تائين وصول نہ ٿيون ٿين، ڪائونسل، بورڊ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳواٽ امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن؛

(vi) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني ادارن جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(vii) بورڊ کي پيش ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(viii) هن آرڊيننس جي گنجائش موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, functions and powers of other authorities

15. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار جن لاءِ خاص گنجائش ناهي يا هن آرڊيننس تحت اڻپوري گنجائش آهي، اها ايئن هوندي جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اٿارٽيز طرفان ڪميٽيز جي مقرري
Appointment of committees by the Authorities

16. بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل، ڪائونسل يا ٻيون اٿارٽيز اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيز مقرر ڪري سگهن ٿا، جيئن اهي انهن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري سمجهن.

## باب _V
## قانون، ضابطا ۽ قاعدا
## Chapter_V
## Statutes, Regulations and Rules

اسٽيچوٽس
Statutes

17. (1) هن آرڊيننس جي گنجائش موجب، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ اسٽيچوٽس جوڙي سگهجن ٿا، يعني:

(i) يونيورسٽي جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڊنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ ٻين لاڳاپيل فائدن جي؛

(ii) استادن، محققن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪٽ تي مقررين جا شرطون ۽ ضابطا؛

(iii) فيڪلٽيز، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(iv) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(v) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين سرڪاري يا خانگي تنظيمن سان تدريس، تحقيق ۽ ٻين علمي سرگرمين جي انتظامن ۾ شامل ٿي سگهي ٿي؛

(vi) پروفيسرز اميريٽس جي مقرري ۽ اعزازي ڊگريون ڏيڻ جا شرط؛

(vii) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت ۽ نظم و ضبط؛

(viii) يونيورسٽي جون ملڪيتون ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(ix) هن آرڊيننس تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) قانونن جو مسودو بورڊ طرفان چانسيلر جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو.

(3) چانسيلر کي منظوري لاءِ اماڻيل قانونن کي قبول ڪرڻ يا انهن کي ٻيهر غور لاءِ بورڊ کي واپس موڪلڻ جو اختيار هوندو.

(4) ڪو به قانون ان وقت تائين موثر نہ هوندو،

جيستائين چانسيلر طرفان منظور نہ ڪيو وڃي.

| | |
|---|---|
| 18. (1) هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا: | ضابطا<br>Regulations |

(i) پڙهائي ۽ تحقيق جون اسڪيمون، بشمول ڪورسز جي عرصي، مضمونن جي انگ يا امتحانن لاءِ پيپرز جي؛

(ii) ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽس لاءِ پڙهائي ۽ تحقيقي پروگرامن جا نصاب ۽ ڪورسز؛

(iii) امتحان منعقد ڪرڻ ۽ انهن جي نظرداري، ممتحن جي مقرري، چنڊ ڇاڻ، نتيجا ڪڍڻ ۽ انهن کي پڌرو ڪرڻ؛

(iv) مختلف نصاب، امتحانن ۽ هاسٽلس ۾ داخلا لاءِ فيس طئي ڪرڻ ۽ اوڳاڙي؛

(v) شاگردن ۾ نظم و ضبط پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي ڀلائي جون اسڪيمون جوڙڻ؛

(vi) فيلوشپس، اسڪالر شپس، انعام، ميڊلز، اعزازيہ ڏيڻ ۽ شاگردن ۽ تحقيقي عالمن جي ٻي مالي مدد ڪرڻ؛

(vii) ڪانووڪيشن منعقد ڪرڻ ۽ اڪيڊمڪ ڪاسٽيومز جي بيهڪ؛

(viii) شاگردن جي رهائش جون شرطون؛

(ix) لائبريري جو استعمال؛ ۽

(x) ٻيا سمورا تعليمي معاملا جيڪي هن

آرڊيننس، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.

(2) بورڊ کي ان کي فراهم ڪيل ضابطن کي منظور ڪرڻ يا انهن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ واپس اماڻڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(3) ڪو بہ ضابطو تيستائين موثر نہ هوندو جيستائين ان جي بورڊ طرفان منظوري نہ ڏني وڃي.

قاعدا
Rules

19. (1) اٿارٽيز ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن آرڊيننس، اسٽيچوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون؛

(2) بورڊ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿو، جيڪي هن آرڊيننس تحت، خاص طور تي قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

## باب ـVI
## يونيورسٽي فنڊ
## Chapter_VI
## University Fund

يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
The University Fund, Audit and Accounts

20.(1) يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊوميننٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

(2) يونيورسٽي جو ڪيپيٽل ۽ ريڪرنٽ خرچ ان جي ڪمائي ۽ فائونڊيشن طرفان ڪيل مدد ۽ ڪنهن ٻئي وسيلي، بشمول ٻين فائونڊيشنز، يونيورسٽيز ۽ فردن

جي ۾ اهڙي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم ذريعي هلايو ويندو.

(3) ڪا بہ مدد، چندو يا گرانٽ جيڪا سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪا فوري طور يا ان جي نتيجي ۾ يونيورسٽي تي مالي ذميداري وجهي، يا جيڪا طور اهڙين سرگرمين تي ڪئي وڃي، جيڪي هلندڙ پروگرامن ۾ شامل نہ آهن، اهڙي رقم بورڊ جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ قبول نہ ڪئي ويندي.

(4) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙي طريقي سنڀاليا ويندا جيئن بورڊ طئي ڪري ۽ هر سال يونيورسٽي جو مالي سال ختم ٿيڻ کان چار مهينا اڳ انهن جي آڊٽ بورڊ طرفان مقرر ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ طرفان ڪئي ويندي.

(5) اڪائونٽس، آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ، بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

(6) آڊيٽر جي رپورٽ تصديق ڪندي تہ آڊيٽر آڊٽ جي معيارن ۾ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان جي اداري جي تصديق موجب جوڙي آهي.

**ملازمت تان رٽائرمينٽ**
**Retirement from Service**

21. يونيورسٽي جو ڪو ملازم ملازمت تان رٽائر ڪندو:

(1) اهڙي تاريخ تي، جڏهن هن ملازمت جا پنجويهہ سال مڪمل ڪيا هجن، ان کانپوءِ اهو پينشن يا ٻين رٽائرمينٽ جي فاعدن لاءِ اهل هوندو، جيئن مجاز اختياري هدايت ڪري؛ بشرطيڪ ڪنهن بہ ملازم کي تيستائين رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙي

قدم کڻڻ جي حقيقتن کان آگاهہ نہ ڪيو ويجي ۽ ان کي ان قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نہ ڏنو ويجي؛ يا

(2) جتي مٿي ڄاڻايل شق (i) موجب ڪا هدايت نہ ڪئي وئي آهي، تہ سٺ سال عمر جي مڪمل ٿيڻ تي.

سبب ڄاڻائڻ جو موقعو
Opportunity to Show cause

22. سواءِ ان جي تہ ڪو عملدار، استاد يا يونيورسٽي جو ٻيو ڪو ملازم جيڪو مستقل عهدو رکندو هجي، ان جي رينڪ گهٽائي نہ ويندي يا برطرف يا لازمي طور ملازمت مان رٽائر نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان کي اهڙو قدم کڻڻ خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو ويجي.

بورڊ کي اپيل ۽ بورڊ طرفان نظرثاني
Appeal to and review by the Board

23. (1) جتي يونيورسٽي جي ڪنهن ملازم کي سزا جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي سواءِ يونيورسٽي جي صدر جي يا ان جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن ۾ ڄاڻايل بنيادن موجب تبديل ڪيو ويجي يا ان جي نقصان جي ترجماني ڪري، ان کي، جتي حڪم وائيس چانسيلر طرفان جاري ڪيو ويو هجي يا ڪنهن ٻئي عملدار يا يونيورسٽي جي استاد طرفان جاري ڪيو ويو هجي، اهڙي حڪم خلاف بورڊ کي اپيل ڪرڻ جو حق حاصل هوندو. جتي حڪم بورڊ طرفان جاري ڪيو ويو هجي، ان کي ان اختياري کي حڪم تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيڻ جو حق حاصل هوندو.

(2)نظرثاني لاءِ اپيل يا درخواست صدر کي جمع ڪرائي ويندي، جيڪو ان کي پنهنجي راءِ ۽ ڪيس جي رڪارڊ سان گڏ بورڊ جي سامهون رکندو.

(3) اپيل ۽ نظرثاني تي ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين اپيل ڪندڙ يا درخواست گذار، جيئن معاملو هجي، کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

**پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووبڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ**
**Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund**

24. (1) يونيورسٽي ملازمن جي ڀلائي لاءِ ۽ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووبڊنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جتي ڪو پرووبڊنٽ فنڊ هن آرڊيننس تحت قائم ڪيو ويو هجي، پرووبڊنٽ فنڊس آرڊيننس، 1925 جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿينديون.

**اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات**
**Commencement of term of office of members of Authorities**

25. جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن آرڊيننس تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي**
**Filling of Casual Vacancies in authorities**

26. ڪنهن بہ اٿارٽيءَ تي نامزد ٿيل يا مقرر ڪيل ميمبرن ڪا عارضي جاءِ خالي ٿي ٿئي تہ اها جيترو ممڪن هجي انهيءَ باڊي يا شخص طرفان ڀري ويندي، جنهن انهن کي مقرر ڪيو هو، خالي ٿيل جاءِ تي جيڪو ميمبر مقرر ٿيندو، اهو انهيءَ عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جيڪو ۽ جيترو ڇڏي ويل جي باقي رهيل ميمبريءَ جو عرصو هيو.

بشرطيڪ بورڊ کان سواءِ جيڪڏهن ڪنهن اٿارٽيءَ

۾ ميمبريءَ جي جاءِ خالي ٿي آهي تہ اها ان ڪري پري نہ سگهبي تہ ميمبر ايڪس آفيشو ميمبر هئو. هن جو اتان جو عهدو يا اهو ادارو ختم ٿيو آهي، پر اهو يونيورسٽيءَ ڪان سواءِ آهي، اهو هاڻي غير فعال آهي يا ڪن اٽنر سببن ڪري خالي ٿيل جاءِ تي پيو ماڻهو مقرر نہ ٿو ڪري تہ پوءِ بورڊ جي هدايت تي اها ميمبري جي خالي ٿيل جاءِ تي صدر پاڻ ميمبر مقرر ڪندو.

اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار
Disputes about membership of Authorities

27. (1) جيستائين ڪجهہ هن آرڊيننس جي متضاد نہ هجي، ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ڪو شخص ڪنهن اٿارٽي جو ميمبر نہ رهندو. جيترو جلد هن ها حيثيت خراب ڪئي هجي، جنهن لاءِ اهو نامزد يا مقرر ڪيو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اٿارٽي جي ميمبر ٿيڻ تي ڪو سوال اٿاريو وڃي ٿو. تہ معاملو چانسيلر. چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج، جيڪو بورڊ جو ميمبر آهي ۽ چانسيلر جو نامزد ڪيل عملدار تي ٻڌل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

اٿارٽيز جي ڪارروائين جو موثر هئڻ
Validity of Proceedings of Authorities

28. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو فقط ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ميمبر جي مقرري ۽ نامزدگي ۾ ڪنهن مقصد جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندو.

پهريون شيڊول
First Schedule

29. جيستائين ڪجهہ هن آرڊيننس جي متضاد نہ هجي، شيڊول ۾ جوڙيل اسٽيٽيوس ايئن سمجهيا ويندا

جيئن دفعہ 17 تحت اسٽيچوٽس جوڙيا ويا آهن ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي يا انهن کي هن آرڊيننس تحت جوڙيل نون اسٽيچوٽس سان تبديل نہ ڪيو وڃي.

**دائره اختيار تي پابندي**
**Bar of Jurisdiction**

30. هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

**ضمانت**
**Indemnity**

31. هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties**

32. جيڪڏهن هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ تي ڪنهن اختياري جي جوڙجڪ يا پيهر جوڙجڪ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي يا هن آرڊيننس جي گنجائشن کي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، صدر اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

## شيڊول
## پهريان قانون
## (ڏسو دفعہ 29)
## Schedule
## First Statutes
## (See Section 29)

**پهريان قانون**
**The First Statutes**

**فيڪلٽيز**

33.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل

| Faculties | هونديون: |
|---|---|
| | (i) بزنس ايڊمنسٽريشن جي فيڪلٽي؛ |
| | (ii) ڪمپيوٽر سائنس جي فيڪلٽي يا ڪاليج؛ |
| | (iii) بنيادي ۽ اپلائيڊ سائنسز جي فيڪلٽي يا ڪاليج؛ |
| | (iv) انساني همدردي، سماجي سائنسز ۽ اسلامي سکيا جي فيڪلٽي يا ڪاليج؛ |
| | (v) هوم اڪنامڪس جي فيڪلٽي يا ڪاليج؛ |
| | (vi) انجنيئرنگ جي فيڪلٽي يا ڪاليج؛ |
| | (vii) قانون جي فيڪلٽي يا ڪاليج؛ |
| | (viii) اهڙيون ٻيون ڪي فيڪلٽيز يا ڪاليج جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن. |
| | (2) مسلمان شاگردن لاءِ اسلامڪ ايجوڪيشن ۽ پاڪستان اسٽڊيز لازمي هوندا ۽ غير مسلمان شاگردن کي سمورين فيڪلٽيز ۾ اخلاقيات ۽ پاڪستان اسٽڊيز جو آپشن آڇيو ويندو. |
| | (3) هر ڪاليج يا فيڪلٽي ۾ اهڙا ادارا، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ، سينٽرس يا ٻيا پڙهائي ۽ تحقيق جا يونٽ شامل هوندا، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. |
| | (4)ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. |
| تدريسي شعبو | 34. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ |

| | |
|---|---|
| Teaching Department | هڪ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ هوندو، جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو هڪ چيئرمين سربراهه هوندو.<br>(2)شعبي جو چيئرمين بورڊ طرفان شعبي جي سينئر استادن منجهان مقرر ڪيو ويندو.<br>(3) ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڏين کي جوابده هوندو. |
| بورڊ آف اسٽڊيز<br>Board of Studies | 35. (1) هر مضمون يا مضمونن جي مجموعي لاءِ هڪ بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي.<br>(2)هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:<br>(i) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين؛<br>(ii) لاڳاپيل تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز؛<br>(iii) پروفيسرز ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرز کان سواءِ ٻيا ٻه يونيورسٽي ٽيچرز اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛<br>(iv) يونيورسٽي ٽيچرز کان سواءِ، ٽي ماهر چانسلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.<br>(3) ايڪس آفيشو ميمبرز کانسواءِ بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدت ٽي سال هوندي.<br>(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي |

ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي نسبت سان ڳڻيو ويندو.

(5)لاڳاپيل يونيورسٽي جي تدريسي شعبي جو چيئرمين بورڊ آف اسٽڊيز جو چيئرمين ۽ ڪنوينر هوندو.

(6)بورڊ آف اسٽڊيز جا هيٺيان ڪم هوندا:

(i) اٿارٽيز کي هدايت، تحقيق ۽ لاڳاپيل مضمون ۾ امتحان سان لاڳاپيل سمورن تعليمي معاملن تي مشورو ڏيڻ؛

(ii) سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ لاڳاپيل مضمون يا مضمونن ۾ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ پڙهائي ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛

(iii) لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرز جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽

(iv) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئي ضابطن موجب بيان ڪيا ويا هجن.

اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ
Board of Advanced studies and Research

36. (1) هڪ اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(i) صدر، جيڪو چيئرمين هوندو.

(ii) ڊينز؛

(iii) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز، سواءِ ڊينز جي، بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(iv) ٽي يونيورسٽي استاد، جن کي تحقيق جو اهليت ۽ تجربو هجي، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(v) پروفيسرس اميريٽس.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اٿارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛

(ii) تحقيقي ڊگريون ڏيڻ سان لاڳاپيل ضابطا تجويز ڪرڻ؛

(iii) تحقيق جي شاگردن کي انهن جي تحقيق جي مقالي جو مضمون طئي ڪرڻ لاءِ سپر وائيزر مقرر ڪرڻ؛

(iv) تحقيقي ڊگريز لاءِ پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرز جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽

(v) اهڙا بيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانون ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**سليڪشن بورڊ**
**Selection Board**

37. (1) هڪ سليڪشن بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) صدر، جيڪو چيئرمين هوندو،

(ii) بورڊ جو هڪ ميمبر ۽ ٻه ناليوارا ماڻهو

بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا، بشرطيڪ انهن مان ڪو بہ يونيورسٽي جو ملازم بورڊ ۾ نہ هوندو؛

(iii) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛

(iv) لاڳاپيل ٽيچنگ ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين؛

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ سليڪشن بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) سليڪشن بورڊ جو ڪورم چار ميمبر هوندو.

(4) سليڪشن بورڊ جو ڪو بہ ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نہ وٺي سگهندو.

(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين پڙهائي وارين آسامين تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاڳاپيل مضمون ۾ بہ ماهر صدر طرفان نامزد ڪيا ويندا، سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست منجهان ۽ وقت بہ وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

(6)سموريون مقرريون چانسيلر جي منظوري سان مشروط هونديون جيڪو مقرري ڪندڙ اٿارٽي آهي ۽ چانسيلر پنهنجي نامزدگين تي ڪنهن بہ مقرري تي سليڪشن بورڊ جي صدارت ڪري سگهي ٿو.

سليڪشن بورڊ جا ڪم
Functions for

38. (1) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين ٽيچنگ ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي

Selection Board

غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا مقرريءَ لاءِ بورڊ کي تجويز ڪندو.

(2) سليڪشن بورڊ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڊ ڪندي بورڊ کي اعليٰ شروعاتي ادائگي جي گرانٽ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(3) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافته شخص کي يوبورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب بورڊ کي سفارش ڪري سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(4) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي جي سمورن عملدارن جي ترقين جا سمورا ڪيس غور هيٺ آڻيندو ۽ موزون اميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا بورڊ کي اماڻيندو.

(5) سليڪشن بورڊ ۽ بورڊ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نه ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي
The finance and Planning Committee

39. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) چانسيلر، جيڪو ڪميٽي جو چيئرمين هوندو،

(ii) بورڊ جا ٻه نامزد ڪيل؛

(iii) بورڊ جو هڪ نامزد ڪيل؛

(iv) فنانس ۽ پلاننگ جي ميدان ۾ ماهر ٻه ڄڻا چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا،

(v) هڪ ڊين صدر طرفان نامزد ڪيو ويندو، ۽

(vi) يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر فنانس بورڊ جو ميمبر/سيڪريٽري هوندو.

(2) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار ميمبرز تي مشتمل هوندو.

فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم

Functions of the Finance and Planning Committee

40. فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) ساليانو اڪائونٽ اسٽيٽ مينٽ تي غور ڪرڻ ۽ ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ سنڊيڪيٽ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ.

(ii) يونيورسٽي جي مالي بيهڪ جو سلسليوار جائزو وٺڻ.

(iii) بورڊ کي پلاننگ, ڊولپمينٽ, فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽن سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ.

(iv) ٿوري مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ.

(v) اسٽاف ۽ ريسورس ڊولپمينٽ منصوبا تيار ڪرڻ.

(vi) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ, جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.

الحاق ڪميٽي

Affiliation Committee

41. هڪ الحاق ڪميٽي هوندي, جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) صدر, جيڪو چيئرمين هوندو.

(b) بورڊ جو هڪ ميمبر جيڪو بورڊ طرفان نامزد ڪيو

ويندو.

(c) ﮬہ پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا،

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن ڪانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ﮬہ سال هوندو.

(3) الحاق ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن کان وڌيڪ نہ هوندا.

(4) الحاق ڪميٽي جي گڏجاڻي يا جاچ جو ڪورم ٽي ميمبرز تي مشتمل هوندو.

(5)سموريون افيليئيشنز ضروري طور چانسيلر ۽ بورڊ آف ٽرسٽيز طرفان منظور ٿيل هجڻ گهرجن.

(6) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسيلر طرفان ان مقصد لاءِ مقرر ڪيو ويندو، جيڪو ڪميٽي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

**نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**